# 2. غزل

**ايم. ڪمل** (1925-2012)جناب مولچند بندراڻي ڪمل جو نالو سنڌي غزل جي اُستاد شاعرن ۾ شماريو وڃي ٿو. ’جهُريل جيءُ‘، ’ٻرندڙ برف جا نقش‘، ’روشن راهون‘ ڏنڏلا ماڳ ۽ ’باهه جا وارث‘ هن جا لکيل ڪتاب آهن. هن غزل ۾ شاعر جيون گذر ڪرڻ لاءِ ڪجهه خاص ڳالهيون ٻڌايون آهن.

دل جي ڪشتي لڳندي پار،
صَبرُ به ڪر ڪُڇ ڏيرج ڌار،


ٿانوَ ڏسي پوءِ اَمرت اوت
جتي ڪٿي هيءُ اڇين نه هار.

رُوپ رنگ رس ۽ سرهاڻ،
ڀاڳ سان ملن هي سڀ چار.


جهانُ سارو آ باهه باهه،
تون ڪنهن هڪ جو ته جيءُ ٺار.

پلي وساءِ پنهنجو آسمان
مگر ڪڏهن هيٺ پڻ نهار.

پنهنجي چولي - چتيءَ جي لاءِ،
ڪنهن ٻئي جو پهراڻ نه ڪار.



ڪاش ملي هان هن جي ڳالهه
وقت چيو : ٻيو ڇهرو ڌار.



**نوان لفظ :**

کشتي - ٻيڙي جيءُ ٺارڻ - خوش ڪرڻ ڏيرج ڌرڻ - صبر ڪرڻ سَرهاڻ -سڳنڌ، خوشبوءِ.

## اڀياس

**سوال ١ - هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو :-**

١. دل جي ڪشتي پار لڱڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

٢. غزل ۾ وقت ڇا چيو آهي؟

٣. شاعر موجب پاڻ سان ڇا ملي ٿو؟

**سوال ٢ - هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو :**

١. اڄ جي جهان جي حالت ڏسي شاعر ڪهڙي صلاح ڏني آهي؟

٢. ”ٻئي جو پهراڻ نہ ڪار“ سِٽ ۾ شاعر ڪهڙي سمجهاڻي ڏني آهي؟

**سوال ٣ - جوڙا ملايو :**

| | |
|---|---|
| ١. جهان سارو | پنهنجو آسمان |
| ٢. پلي وساءِ | آباهہ باهہ |
| ٣. ڪنهن ٻئي جو | ڪُڇ ڏيرج ڌار |
| ٤. صبر بہ ڪر | پهراڻ نہ ڪار |


**سوال ٤ - بيت مان هم آوازي لفظن جا جوڙا لکو :**

## پورڪ اَڀياس

**(ا) شعر بند تي عملي ڪم :**

ٿانو ڏسي .................. هيٺ پيي نهار

**(i) چوڪنڊي ۾ مناسب لفظ لکو :**



(ii) سِٽُن ۾ هيٺ ڏنل لفظن بدران ڪم آندل لفظ ڳولهي لکو :

| سُرهاڻ | اُپ | تَڪِ | جڳھ |
|---|---|---|---|
| | | | |

(iii) ’مگر تون ڪڏهن هيٺ پيي نهار‘ سٽ جي سمجهاڻي لکو :

(iv) هيٺ ڏنل چوکنڊي مان مناسب لفظ ڳولهي هم آوازي لفظ پورا ڪريو :

(الف) رس ← ______ ، ______

(ب) ٺار ← ______ ، ______

(ٻ) رنگھ ← ______ ، ______


(ڀ) باهه ← ______ ، ______

ڏاهه، ڪس، جنگھ، وساءِ
مگر، لاهه، وس، مار، تنگھ
ڪار، ڏس، سنگھ، ناهه
وار

(2) ’ڏئي مٿان پر ڪنهن جي هٿان‘ اِن وشيہ تي اُپٽار لکو.

(3) ڏنل غزل جون ڪهڙيون سِٽون توهان کي وڻيون؟ ڇو؟

(4) سڃاڻو ۽ ڄاڻ لکو :



C8PIPB